اڪبر علي چانڊيو

# صوفي صديق فقير جي شاعري ۽ ان تي شاهه لطيف جو اثر


## Abstract:

*Sufi Siddque Faqir, popularly known as ʽSadiq Shah ʼwas born in 1756 AD and departed from this world in the year 1848 AD. He possessed a multi-dimensional personality. He was a great scholar, philosopher, poet, practitioner, Saheb-e -Karamat Sufi and Dervish, and a perfect spiritual guide (Murshid). The poetry of Sufi Siddique Faqir is a great treasure of Sindhi Language and Literature and occupies an important place in Sindhi Classical poetry. In his poetry; he has discussed important topics with unparalleled skill and has explained the complex issues in a very simple manner. He was a universal poet and his poetry contains not only the topics of Islam and mysticism but also of love and affection, duty, pain and agony of separation, truth, struggle and sacrifice, love for one's land and many such other topics. Sufi Siddique Faqir was highly impressed from the poetry of Shah Abdul Latif Bhitai which is reflective is his works.*


## صوفي صديق فقيرؒ:

صوفي صديق فقيرؒ جي ولادت ١١٧٠ هجري مطابق ١٧٥٦ع ۾ سومر جي ڏينهن ٿي. سندن ولادت وقت سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪومت هئي.سندس نالو محمد صديق فقير سومرو ۽ تخلص ’صادق‘ هو. پاڻ صوفي فضل الله شاهه قلندرؒ جو خاص خليفو هو. سندس مرشد صوفي فضل الله شاهه قلندرؒ صوفين جي سرتاج ،صوفي شاهه عنايت شهيدؒ جي خاندان جو مشهور درويش هو.

فقير صوفي صديق جن، ٩٥ سالن جي ڄمار ڪي رسي ١١ رمضان المبارڪ ١٢٦٥ھ مطابق ١٨٤٨ع ۾ وچينءَ نماز (عصر) مهل وفات ڪيائون. سندن لاڏاڻو پنهنجي ڳوٺ اهر شريف ۾ ٿي. فقير صوفي صديق جي درگاهه عمرڪوٽ شهر کان ١١ ميلن جي مفاصلي تي ميرپورخاص روڊ تي هڪ ننڍي شهر صوفي فقير ۾ قائم آهي. جتي مريدن ۽ عقيدتمندن جي حاضري سدائين هلندي رهي ٿي.





## صوفي صديق فقيرؒ جي شاعري:

سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ صوفي صديق فقير جو نالو بلڪل نمايان آهي. فقير صاحب پنهنجي دؤر جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس شاعريءَ جي ساراهه راڄ محمد پلي نهايت سهڻي ۽ عالماڻي انداز ۾ ڪئي آهي ، تي لکي ٿو ته:

”صوفي صديقؒ جن جي ڪلام ۾ زبان جي سادگي ۽ نهٺائي، سهڻائي ۽ سريلائي، سوز ۽ اثر، جو جيڪو ثمر ۽ سامان آهي، اهو قدر ڪرڻ جي لائق آهي. سندن ڪلام ۾ زبان ۽ بيان جون علمي ۽ ادبي خوبيون ۽ خاصيتون به آهن، ته صوفياڻي جوش ۽ جذبي، بيباڪي ۽ بي ڊپائي به آهي ۽ انهن سان گڏوگڏ عاجزي ۽ انڪساري، نهٺائيءَ ۽ نماڻائي به ڪمال تي پهتل آهي، ڄڻ ته لطيف واري اعتدال پسندي ۽ لطيف انداز ۽ سچل سرمست واري صوفياڻي بيباڪي ۽ بي ڊپائي، سرمستي ۽ سرفرازيءَ جو سندن ڪلام ۾ سهڻو سنگم ۽ امتزاج موجود آهي، جيئن هر عظيم ۽ اعليٰ، آفاقي ۽ عرفاڻي شاعر جو ڪلام، عرفاني ۽ جاوداني، ابد ي ۽ الهامي هئڻ ڪري، سدائين حيات ۽ حيات بخش هوندو آهي، تيئن صديق فقير جو ڪلام به زنده جاويد رهڻو آهي.“(١)

راڄ محمد پلي وڌيڪ لکي ٿو ته: ”عظيم شاعر جي نظر ۽ اثر نه رڳو سندس وقت جي مختصر ۽ محدود ماحول تائين هوندي آهي، پر هن جي نظر ماضي، حال ۽ مستقبل جي تهذيبي ۽ تمدني، روحاني ۽ اخلاقي ماحول تي به هوندي آهي، تنهن ڪري انهيءَ جو شعر هر دؤر ۽ هر زماني جي انسان جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ۽ رهنمائي ڪندو آهي، ۽ اهڙو شعر هر وقت شگفته ۽ تازو، وڻندڙ ۽ لذيذ، اثرائتو ۽ دل آويز، اخلاق آموز ۽ روحاني آسودگيءَ جو حامل هوندو آهي. هر دؤر جو انسان منجهانئس قلبي حظ، سوز ۽ سُرور حاصل ڪري سگهي ٿو. ’صديق فقير‘ جڏهن ته ’شاهه شهيد‘ جي صوفياڻي سلسلي جو نمائندو شاعر ۽ سندن عارفاڻي ’نظرين ۽ تعليمات‘ جو عظيم ترجمان آهي، تنهن ڪري، جهوڪ جي صوفين جي نظريهِ تصوف کي سمجهڻ لاءِ هڪ مستند ماخذ جي حيثيت پڻ رکي ٿو. فقير صاحب تصوف جي فڪر ’وحدت الوجود‘، ’وحدت الشهود‘، ’نفي ۽ اثبات‘، ’فنا ۽ بقا‘، وجود باري ۽ رويت باري، عروج نزول، حقيقت محمدي، خير ۽ شر، جبر ۽ قدر وغيره جهڙن وڏن مسئلن تي به گهڻو ڪجهه چيو آهي. انهن مسئلن تي هن کان اڳ گهڻن ئي عالمن ۽

صوفي سڳورن پنهنجي علم آهر خيالن جو اظهار ڪيو آهي، پر صوفي صديق انهن مسئلن کي هڪ خاص نقطهٔ نظر سان ڏٺو ۽ پيش ڪيو آهي.“[۲]

صوفي صديق فقير جي ڪلام لاءِ غلام محمد گرامي صاحب لکيو آهي ته: ”صديق فقير اصل ۾ ان ’صوفي‘ لقب ۽ نسبت جو ترجمان آهي. سندس ڪلام حضرت شاهه شهيد عليه الرحمة جي اعمال ۽ نظريات جي شرح آهي، جو ’صوفي‘ هو ۽ اسم بامسميٰ هو. صديق فقير جو هڪ ٿي بيت لک لهي:

جيڪي آهي اڄ، سيان ناهه ’صديق‘ چئي،
واڃي وانگر وڄ، مٽي کي مرلي ڪري.

ان موجب صوفي ’ابن الوقت‘ نه، پر ’ ابوالوقت‘ آهي.“[۳]

مولانا غلام محمد گرامي وڌيڪ لکي ٿو ته: ”صديق فقير، طريقت جي سلسلي موجب جڏهن ته سنڌ جي مشهور صوفي بزرگن جهوڪ وارن صاحبن جو مريد صديق آهي ۽ تصوف ۾ وحدت الوجود جي نظريي جو شارح آهي، تڏهن سندس ڪلام ۾ پيغام ۾ وحدت ۽ انسانيت، محبت ۽ برادري، اخوت ۽ مساوات جو وسيع نصب العين موجود آهي. هڪ صوفي ۽ لاڪوفي هئڻ جي حيثيت سان، صوفي صديق فقير جو ڪلام سنڌ جي صوفي شاعرن ۾ پڻ ممتاز حيثيت رکي ٿو. ان طرح سوز ۽ گداز، ناز ۽ نياز، جمال ۽ جلال جي وجد آور ڪيفيتن جي پالوٽ، فقير صاحب جي فن ۽ ڪلام کي سَر آتش ڪري ڇڏيو آهي. فقير صاحب جو فن ڪلاسيڪي فن جو تعريف لائق شاهڪار چئي سگهجي ٿو. فقير صاحب بيت ۽ وائيءَ جي وسيع دامن کي پنهنجي فني شهپارن سان مالا مال ڪري ڇڏيو آهي. ان کان سواءِ سندس ڪلام سنڌ جي راڳداري فن سان پڻ تعلق رکي ٿو. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو سندن ڪلام سنڌ جا صوفي فقراءَ ميلن ۽ محفلن ۾ لطيف ۽ سچل جي ڪلام سان گڏ ڳائين ٿا، وجداني ڪيفيتن جي ترجماني ۽ روحاني جذبن جي فراواني، فقير صاحب جي ڪلام جي اهم علامت آهي، بي ساختگي ۽ فني پختگيءَ جي ڪري ڪلام ڄڻ الهام بنجي چڪو آهي.“[۴]

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صديق فقير جي شاعري بابت لکي ٿو ته : ”فقير صاحب جي ڪلام ۾ اڳوڻي عوامي روايت جا آثار توڙي اعليٰ اساسي شاعريءَ بابت تلميحون ۽ اشارا آهن. ڪن بيتن ۾ اڳين قصن ڪهاڻين جي واقعن ۽ ڪردارن ۽ ڪن ۾





مختلف موضوعن بابت انوکا الفاظ ۽ فقرا استعمال ڪيل آهن، اهي تلميحون ۽ اشارا عوامي ادبي روايت جو آئينو آهن ۽ فقرا اڳوڻي سنڌي ٻولي ۽ ان جي لغت جو قيمتي سرمايو آهن.“[۵]

ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب به صوفي صاحب جي ڪلام جي فني اپياس بابت لکيو آهي: ”صوفي صاحب جي ڪلام جو ’مطالعو‘ ڪيترن ئي تصنيفن کي وجود ڏيندو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي مطالعي جا مڙيئي عام عنوان ’صوفي صاحب‘ جي ڪلام ۾ ڀرپور نمونا موجود آهن، مگر ڪجهه خاص عنوان به آهن، جن جي نمائندگي ۽ تخليق صرف صوفي صاحب جي حصي ۾ آئي آهي. سندن ڪلام جا نقطا هيٺيان آهن. سلف جون روايتون ۽ انهن جي پاسداري، ڪلام جي فني بيهڪ، نظريي جي پختگي ۽ انهيءَ جو طاقتور لفظن ۾ اظهار، عقيدت ۽ عشق، ڪردار جي جهلڪ ۽ شاعريءَ ۾ موسيقيت، ڪلاسيڪي شاعري ۽ نمونا، ماحول نگاري، واقع نگاري، نوان ۽ دل لڀائيندڙ تجربا علمي نقطا، ٻوليءَ جو معمار هجڻ، پراڻن موضوعن ۾ جدت ۽ ندرت پيدا ڪرڻ ۽ نواڻ ٻڌائي پيش ڪرڻ.“[۶]

پلي صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته: ”حضرت پٽ ڌڻي سرتاج الشعراء آهي ۽ سندس ڪلام جو بنياد ڪانئس اڳ جي بزرگن جي وڏل روايتن تي آهي، يعني بيت ۽ وائي، جيڪي ٻئي شاهه صاحب کان اڳ جون صنفون آهن ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ نيم تاريخي ڪردارن کي موضوع بنائي انهن ۾ رنگينيون پيدا ڪيون ويون آهن. صوفي صاحب به ساڳيءَ طرح بيت ۽ وايون لکيون ۽ ساڳيءَ طرح تاريخي ۽ نيم تاريخي ڪردارن کي ڪٺي، ويهي پنهنجي شعر ۾ هيرا موتي پوئيا، يعني اسين ائين چئي سگهون ٿا ته، صوفي صاحب ڪلاسيڪي شاعريءَ جي مڙني روايتن جي پاسداري ڪئي آهي ۽ ان ۾ پنهنجي طرفان ڪافي سرمايو پڻ جمع ڪرايو آهي.“[۷]

اهو شعر دائمي چمار ماٽي ٿو، جيڪو پنهنجي چوگرد جي ماحول جي احوال ۽ ذڪر سان ٽمٽار هجي. فقير صاحب جي ڪلام ۾ ديس جي ماڻهن ۽ انهن جي ڌنڌن، هنرن سان گڏوگڏ، مُندن ۽ ماحول، ڪاريگر ۽ ڪاريگريون، وڻ ٽڻ ٻوٽا، ريتون ۽ رسمون، جانور ۽ پکي، جاگرافي ۽ تاريخ، جوڳي ۽ سنياسين، وٿڄ ۽ واپار، جبل ڏورا ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏنديون، شڪار ۽ شڪاري، دونهيون، طبيب ۽ ويج، لوهار، مطلب ته پنهنجي ڏيهه جي پل پل ۽ چپي چپي جي جاڻ رکندڙ آهي. هيءُ اهو گُڻ آهي، جيڪو شاعر کي مٿانهون مقام ڏياري ٿو ۽ سندس ڪلام کي دائمي حياتي بخشي ٿو.

ڊاڪٽر اسد جمال صاحب لکي ٿو ته: ”فقير صاحب جي ڪلام ۾ مستند واقع نگاريءَ جو به ڪمال آهي. ڪيڏارو ته صوفي صاحب جو سچو آهي ٿي واقع نگاريءَ جو اعليٰ دليل، پر ٻين سرن ۾ به پاڻ واقعات جي تصوير واهه جي چٽي اٿن.“(٨)

## صوفي صديق فقير جي شاعريءَ تي شاهه لطيفؒ جي شاعريءَ جو اثر:

صوفي صاحب جو ڪلام حق ۽ سچ جو پيغام آهي. سندس شاعريءَ ۾ هر رنگ موجود آهي. شاهه لطيف کان پوءِ ڪيترائي شاعر پيدا ٿيا، پر سڀ کان وڏا شاعر سچل سرمست ۽ صوفي صديق فقير آهن. شاعريءَ ۾ سچل سرمست جو رنگ ۽ ڍنگ ئي ۾ نرالو آهي ۽ هڪ انفرادي حيثيت رکي ٿو. اهڙي انفراديت ۽ اهڙي رنگ جي شاعريءَ جي حوالي سان پاڻ سنڌ ۾ ٻيهريون نمبر شاعر هو. پر لطيفي رنگ جي لحاظ کان صديق فقير، شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ مڪمل طور فنا ٿيل هو. جيڪڏهن سنڌ جو ڪيس ٻيو شاهه لطيف چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. صوفي صديق فقير جي ڪلام جي اڀياس مان واضح ٿئي ٿو ته، صديق فقير، شاهه لطيف واري طرز جو شاعر آهي.

صوفي صديق فقير، شاهه لطيف کي وڏو شاعر مڃيو ۽ شاهه لطيف جي شاعريءَ واري دائري ۾ رهندي ڪئي. شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ سڀ ڪجهه چئي ويو ۽ هر رنگ ۽ ڍنگ پنهنجي ڪلام ۾ سمائي ويو. هر موضوع تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. شاهه لطيف کو خال نه ڇڏيو، جيڪو ٻيو شاعر اچي پري. اهڙي حالت ۾ ٻي ڪنهن نئين شاعر جو ماڻهن کي متاثر ڪرڻ ڏکيو ڪم هو. سچي سنڌ ۾ شاهه لطيف جي شاعريءَ جو پڙاڏو هو. اهڙي اعليٰ شاعر جي موجودگيءَ ۾ ڪنهن ٻئي شاعر جو ابرڻ اوکو هو ۽ ان کي مڃتا ملڻ ڏکيو هو. پر صوفي صديق فقير ئي هو، جنهن شاهه جي ڪلام جي موضوعن کي سندن ساڳين صنفن ۾ ئي شاعري ڪري پاڻ ملهايو ۽ مڃايو. هو شاهه جي ڪلام جو شاعريءَ جو ترجمان ٿيو.

مطلب ته شاهه لطيف کان پوءِ صوفي صديق فقير ئي آهي، جنهن جو ڪلام





شاهه لطيف جي ڪلام سان مشابهت ۽ مطابقت ۾ ويجهڙائپ رکي ٿو. جڏهن ته سچل ۽ سامي جو ڪلام منفرد آهي.

شاهه لطيف واري رنگ ۽ انداز يا ان سطح جي شاعري صديق فقير جي ئي آهي. ساڳئي انداز جا ٻيا شاعر به آهن. پر صديق فقير انهن کان مٿيرو آهي. هو فقيريءَ توڙي شاعريءَ ۾ انهن کان مٿانهون مرتبو رکي ٿو. هي شاعرن کي هڪٻئي سان ڀيٽڻ ۽ انهن جو مقابلو ڪرائڻ اسان جو مقصد هرگز نه آهي. هر شاعر جو رنگ پنهنجو پنهنجو آهي. جيئن هر گل جي خوبصورتي ۽ سُرهاڻ پنهنجي پنهنجي آهي ۽ هر ڦل جو ذائقو پنهنجو پنهنجو آهي، اهڙيءَ طرح هر شاعر جي شاعريءَ جو ميناج، رس ۽ رچاءُ ۽ حسن پنهنجو پنهنجو آهي، پر تنهن هوندي به جيئن گلاب جي گل جي حسن جي تعريف ۽ اهميت بيان ڪئي ويندي آهي ۽ ٻين گلن سان ڀيٽ پڻ ڪئي ويندي آهي، اهڙيءَ طرح اسان شاعرن جي شاعريءَ جي ڀيٽ ۽ شاعريءَ جي خوبصورتي بيهڪ جو شان بيان پوءِ به ڪندا آهيون. سڀ پکي سهڻا، پر مور ۽ هنج پکيءَ جي ثنا ۽ ساراهه ٻين کان وڌيڪ ڪئي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح اسان به شاهه لطيف ۽ صديق فقير جي واڪاڻ هت بيان ڪئي آهي. هنن ٻنهي شاعرن جي واڪاڻ وڏن عالمن، ليکڪن، مصنفن، نقادن ۽ محققن به ڪئي آهي.

صوفي صديق فقير جي شاعريءَ تي شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ جو اثر نمايان آهي، راڄ محمد لکي ٿو ته: ”فقير صوفي صديق تي شاهه عبداللطيف جي فن ۽ فڪر، شعر ۽ رسالي جي ادب جو اثر، فني توڙي معنوي لحاظ کان، بلڪل نمايان آهي. سنڌي ادب جي ڪجهه تذڪره نويس صاحبن جي به اهڙي ئي راءِ آهي، جيڪا بلڪل حقيقي آهي. شاهه عبداللطيف جي وفات (١١٦٥هه/١٧٥٢ع) کان پورا پنج سال پوءِ (١١٧٠هه/١٧٥٦ع) صديق فقير ڄائو، ۽ پنجانوي سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائون. روايتن موجب، فقير صديق اٽڪل پنجويهن سالن جي، عمر کان پوءِ فقيري اختيار ڪئي ۽ شاعري به ڪئي، سندن حياتيءَ جي انهن پنجويهن چويهن سالن لاءِ ته ڪجهه به چئي نٿو سگهجي، چاڪاڻ ته سندن اهو دؤر چورين، ڌاڙ مڙسين ۽ خراب ماڻهن جي صحبت ۾ گذريو. انهيءَ دؤر ۾ لطيفي رهاڻ حاصل ٿيس يا نه، پر باقي حياتيءَ ۾ فقير کي لطيفي رهاڻين ۽ صوفيانه صحبتن ۽ مجلسن ۽ سماع سرود جي محفلن ۾ لطيفي لات ٻڌڻ، سمجهڻ ۽ هنداڻ جا ڪافي موقعا ميسر ٿيا هوندا، جنهن جي مڃڻ ۾ ڪو انڪار ڪري ٿي ڪونه



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تو سگهجي، فقير صديق جي ڪلام جي اڀياس ڪرڻ سان پروڙ پوندي ته، متن شاهه جو گهڻو ۽ گهاٽو اثر آهي ۽ سندن ڪلام سان فقير صاحب جا گهرا روحاني ناتا ۽ واسطا آهن ۽ اها ئي هم آهنگي ۽ همخياليءَ جا لاڳاپا 'صادق' جي لطيفي محبت ۽ الفت جو ثبوت آهن."(۹)

راڄ محمد صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته: "هنن ٻنهي عارفن ۽ شاعرن جي فڪر ۾ هڪجهڙائي، فن جي موافقت ۽ خيالن ۾ مناسبت، هم خيالي ۽ هم آهنگي سندن ڪلام پڙهڻ سان گهڻي نظر ايندي. هيئن چوڻ سان صديق فقير جي شاعراڻي رتبي ۾ رتيءَ جيترو به فرق ۽ تر جيترو به تفاوت نٿو پوي، ته صديق فقير شعر ۾ فني توڙي معنوي لحاظ کان حضرت شاهه عبداللطيفؒ جي پيروي ۽ تتبع ڪنهن حد تائين ڪئي آهي، جنهن جون ثابتيون سندن ڪلام اندر موجود آهن."(۱۰)

معمور يوسفاڻي به لکيو آهي ته، صوفي صاحب لطيفي مضمون کان چڱي طرح متاثر ۽ مائل ڏسجي ٿو، جنهن جي ثبوت ۾ ڪئين بيت ۽ انهن جون مصرعون شاهدي طور پيش ڪري سگهجن ٿيون.

"جهڙي طرح شاهه جو ڪلام بيتن ۽ واين تي مشتمل آهي، اهڙي طرح صوفي صاحب جو ڪلام پڻ واين ۽ بيتن تي ٻڌل آهي. جيڪي سر شاهه صاحب شعر جي دائري ۾ آندا آهن، اهي سيئي سر صوفي صاحب به ڪنيا آهن، البت ڪن سرن جي رڳو نالن ۾ فرق آهي. جيئن، موکي ۽ وهاڳڙو، جن جو مضمون ڪلياڻ ۽ پرڀاتيءَ ۾ موجود آهي. اهڙي طرح صوفي صاحب جي سر سوڌڙي وارو مضمون ڪيڏاري وارو ساڳيو آهي. انهيءَ بيهڪ جي لحاظ کان ٻنهي بزرگن جو ڪلام ڄڻ هڪ درياء جا ٻه ڪپ آهن يا لڳو لڳ هڪ طرف ويندڙ ٻه راهون آهن، جن جو نمونو وچ، ڪنارا ۽ ٻيون ڪئين ڳالهيون هڪ جهڙيون آهن."(۱۱)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان بابت لکي ٿو ته: "فقير صاحب اعليٰ شاعريءَ جي دائري ۾ خاص طرح شاهه عبداللطيف کان ئي متاثر آهي. سندس ڪيترن ئي بيتن ۾ شاهه صاحب جي لفظن ۽ اصطلاحن توڙي ڳوڙهن خيالن ۽ نازڪ نڪتن جو عڪس نظر اچي ٿو."(۱۲) ڊاڪٽر صاحب ٻنهيءَ جي شاعريءَ جا مثال هن طرح ڏيئي ٿو:

**شاهه لطيف:** جي هِت نه هوت پسن، سي هُت ڪيئن هوت پسنديون.



Kalachi Research Journal ڪلاچي تحقيقي جرنل

**صديق فقير:** آخر اندا سي چٽبا، جن هت نه ڏٺو هو ڏيهه.

**شاهه لطيف:** هٿندڙ سندا هٿڙا، سيڪو چوي ساز.

**صديق فقير:** جنهن گهڙيو هي گهاٽ، ٻولي ٻري ان جي.

**شاهه لطيف:** پيتائين پنهونءَ کي، هڏ نه پڳيس هڪ.

**صديق فقير:** سڄڻ نباتون ڪري، جيڪر نت پيئان.

**شاهه لطيف جي وائي:**

موت مند نه آهي، تائب ٿيو تڪڙا
اجل اَسارين کي، ڪام وٺيو تو ڪاهي.

**صديق فقير جي صدا:**

رب صاحب سائين آهي، متان ڪو سينو ساهي،
حڪم حاڪم هٿ ۾، ڪام وٺيو تو ڪاهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وڌيڪ لکي ٿو ته، ڀٽائي صاحب جي ڪلام تي فقير صاحب گهڻو ڪو غور ڪيو. سندس ڪيترن ئي بيتن ۾ شاهه صاحب جي فڪر جو جلوو نظر اچي ٿو. فقير صاحب پنهنجي هڪ بيت ۾ شاهه صاحب کي ڪاپڙي (وڏن رازن جو ڄاڻو ۽ وڏو داناء) جي لقب سان ياد ڪيو آهي، ۽ سُر راڻي جي هڪ بيت ۾ ڀٽائي صاحب جي اعليٰ فڪري نڪتي کي مڃيندي، انهيءَ عام سطح ڏانهن پڻ اشارو ڪيو ته جيتوڻيڪ ڏٺي هر جاءِ وسي ٿو، پر انهيءَ اعليٰ ڄاڻ واري منزل تائين پهچڻ لاءِ پنڌ البت پري آهي.

**شاهه لطيف:**

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چٽاڻو،
منجهه ئي ڪاڪ ڪڪوري، منجهه ئي لوڏاڻو،
راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ناهه ڪي.

**صديق فقير :**

ڪي جو چيو ڪاپڙي، سو صادق سيباڻو،
آهه مڙيو ئي ميندرو، پر پنڌ پراهون،
سڀ تو منجهه سيباڻو، تون مڙني ۾ محيط ٿئين.

خانبهادر محمد صديق ميمڻ لکي ٿو ته: "رسالي جي هر هڪ سُر جو مضمون



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جيتوڻيڪ شاهه ڀٽائيءَ جي ساڳئي نالي واري سُر جي مضمون سان هوبهو هم صورت آهي، ته به هر هڪ سُر ۾ ڪي ڪي خيال فقير صاحب جي رسالي ۾ نرالي دلچسپ طرز سان ڏنل آهن. مثال طور، سر ڪيڏاري ۾ ميدان ’ڪربلا‘ جي تصوير چٽيندي صديق فقير نفس سان جنگ ڪرڻ ۽ صوفي شهيدن جي سرويچيءَ وارو جيڪو مضمون آندو آهي، سو شاهه صاحب واري رسالي ۾ ڏنل ڪيڏاري جي مضمون کان بلڪل علحدو آهي.“[(۱۳)]

خانبهادر محمد صديق وڏيڪ لکي ٿو ته، ” فقير صاحب جي ڪلام جي ٻولي ۽ شاهه ڀٽائيءَ جي ڪلام واري ٻوليءَ جي وچ ۾ ذرو به تفاوت ڪونهي.

**مثال: شاهه لطيف:**

سمهي سمهي مڱڻا، اچا اٿئين هير،
نياڳا ننڊون ڪرئين، ڏڱها ڪريو پير،
وڏيءَ ڪنهن وير، مڱي ويا مڱڻا.
(وهاڳڙو)

**صديق فقير:** ڀاڄه به ايڏيائي گهران، جيڏوئي تو نام،
تون منهه تون ٽوٽيون، تون چپر تون چانوَ،
چوان ڪهڙو آن، توکي معلوم سڀ ڪا.

راڄ محمد پلي صديق فقير جي شاعريءَ تي شاهه جي شاعريءَ جي اثر جا چند مثال ڏنا آهن، جيڪي هت پيش ڪجن ٿا:

**فڪر جي مناسبت:**

**شاهه لطيف:**

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ٿو ڪري،
وسايو واڻڙين تي، تو خالق ڪنڌ پري،
پاسارين پري، سانگ مَ وڃن سپرين.
(سُر سارنگ)

**صديق فقير:**

اڄ پڻ اتر پار ڏي، سحر سونهاري جوڙ،
اڱ مَ وڄ ولها، محب منهنجا موڙ،
توريءَ ڪنڌي توڙ، آءٌ ڪانڌ ڪنديس ڪن سان.
(سُر سارنگ)





**شاهه لطيف:**

سج سياڻي جا ڪري، سامي سائي ونڪ،
سهي نه سگهان ساڻ سئين، تنهن راسن جي رونق،
ڪ رتائين لاڪ ۾، ڪ ڏنائين پانن پڪ،
سندي سوڍي سڪ، ڪپر ڪورون جهليون.
(سُر مومل راڻو)

**صديق فقير:**

پرهه جو پيدا ٿيو، ڳاڙهائيءَ جو ڳچ،
ساميءَ ڪي صورت جو، منهن ۾ ٻري مچ،
سامي ڳالهاءِ سچ، ته ڪتان ڪڪوريئن ڪاپڙي؟
(سُرمومل راڻو)

**وحدت الوجود:**

**شاهه لطيف:** سو هي سوهو، سو اجل سو الله،
سو پرين سو پساهه، سو ويري، سو واهرو.

**صديق فقير:** سيت صاحب هيڪڙو، جا بجا ذاتي،
سو صادق سو سپرين، سو ڪسڻ سو ڪاتي،
جان مون اڪ پاتي، حوصلو حيران ٿيو.

**مسلسل جاکوڙ:**

**شاهه لطيف:** جان جيئين تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،
تتيءَ ٿڌيءَ هل، ڪانهي ويل ويهڻ جي.

**صديق فقير:** جيڪي اٿئي اڄ، سيان ناهه صديق چئي،
واڄي وانگر وڄ، مٿي ڪي مرلي ڪري.

**شاهه لطيف :** تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه، پير نه لهين پنهونءَ جو.

**صديق فقير:** صباح ناهي صديق چئي، اٿي اورج هيرا،
ڏڱها ڪري پير، پئي ويهندي پٽ ۾.

متين مثالن لاءِ راڄ محمد صاحب فرمائي ٿو ته: ”متين مثالن پيش ڪرڻ سان اسان جو مقصد هنن عارفن جي ڀيٽ ڪرڻ هرگز نه آهي، بلڪ صديق فقير تي شاهه لطيف جي اثر



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ رنگ ڏيکارڻ لاءِ سندن خيالن ۾ شعرن جا متجانس ۾ متشابهہ پهلو پيش ڪيا ويا آهن. صديق فقير تي شاهہ صاحب جي گهري اثر هوندي بہ هن شاعرِ شيرين مقال جي ڪلام ڪي رڳو شاهہ صاحب جي تتبع ۾ تقليد ۾ چيل شعرن جو مجموعو ڪنهن بہ حالت ۾ سڏي نہ سگهبو. هن عارف ۾ قادرالڪلام شاعر پنهنجي طرفان ڪافي مسلم الثبوت ادبي ۾ علمي جدتون ۾ نيرنگيون پيدا ڪيون آهن، جنهن ۾شاعر جي معنيٰ خيز تجربن، گهرين بصيرتن، بلند تخيل، حقيقي ۾ سچن مشاهدن گڏجي، فن ۾ فڪر ڪي معراج تي رسايو آهي.“(۱۴)

راڄ محمد پلي اڃا وڌيڪ لکي ٿو تہ: ”اهو پلاري پٽ ڌڻيءَ سان مقابلو ۾ موازنو تہ ڪنهن بہ حالت ۾ نہ آهي، پر اهو بہ سچ آهي تہ اهو لطيفي فيض ئي آهي جو سنڌي صوفياڻي شاعريءَ ۾ اهي رنگ رچايا آهن، پر جتي شعر ۾ جدت ۾ ندرت پيدا ڪرڻ لاءِ نون خيالن ڪي نئين طرزن، نون اسلوبن ۾ نون پيراين ۾ پيش ڪرڻ جو سوال آهي، اتي اهو چئي سگهجي ٿو تہ صديق فقير ۾ ان قسم جو فني اجتهاد جام آهي، اڳوڻا ۾ ورجايل خيال بہ، نون اسلوبن ۾ نمونن، پيراين ۾ رنگن ۾ ڍنگن سان پيش ڪرڻ بہ شاعريءَ ۾ داخل آهي، جنهن ڪي ڪنهن بہ حالت ۾ شعر جي دنيا مان خارج ڪري نٿو سگهجي. انهي لحاظ سان،صديق فقير بہ اڳيان ورجايل خيال ورجايا آهن، پر انهن ۾ اسلوب ۾ نگارش جي نواڻ ۾ ندرت بہ آهي، ۾ پنهنجي حال ۾ قال جي انفراديت بہ.“(۱۵)

مٿين حوالن ذريعي ظاهر ٿئي ٿو تہ صديق فقير جي شاعريءَ تي شاهہ جو اثر آهي. شاهہ لطيف کان پوءِ وڏو شاعر سچل سرمست آهي، پر سندس شاعري ۾ فقيريءَ جو رنگ ۾ ڍنگ بلڪل منفرد ۾ الڳ آهي. فقط فڪر ۾ نظريو ساڳيو آهي. لطيف جي شاعريءَ جي پيروي سچل کان وڌيڪ صديق فقير ڪئي آهي. سُرن ۾ موضوعن جي لحاظ کان سچل کان وڌيڪ شاهہ لطيف جي ويجهو صديق فقير نظر ايندو. شاهہ لطيف راز ۾ نياز جي ڳالهہ راز ۾ مام ۾ سمجهائي ٿو. فقط ڪنهن ڪنهن هنڌ ڳالهہ کولي بيان ڪري ٿو. مثال طور همہ اوست يا انالحق جهڙا نقطا ٻڌائي ٿو. ساڳيو ئي رنگ صديق فقير وٽ بہ آهي. جڏهن تہ سچل سرمست گهڻي قدر اهڙا نُڪتا کولي بيان ڪري ٿو.

شاهہ لطيف کان پوءِ جيڪي بہ شاعر پيدا ٿيا، تن ۾ صديق فقير سڀ کان وڌيڪ شاهہ لطيف جي رنگ ۾ رنگيل آهي. سندس ’راڳ نامو‘ شاهہ لطيف جي راڳ ۾ رسالي جو عڪس آهي. اهڙي ڳالهہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن طرح ڪري ٿو تہ: ”هي راڳ نامو توڙي ان ۾ شامل ڪلام شاهہ جي راڳ ۾ شاهہ جي رسالي ڪي پنهنجي نوع نموني جي لحاظ سان وڌيڪ ويجهو آهي، بلڪ شاهہ جي راڳ ۾ رسالي جو آئينو آهي.“(۱۶)





مطلب تہ شاهہ لطيف ۾ صديق فقير پنهنجي ڪلام جي اسلوب، سرن، صنفن، موضوعن وغيره جي لحاظ کان گهڻي مشابهت رکن ٿا. صوفي صديق فقير تي شاهہ جي ڪلام جو اثر نمايان نظر اچي ٿو. جنهن کان انڪار هرگز ڪري نہ ٿو سگهجي.

## حوالا


۱. پلي، راڄ محمد: ’صوفي صادق فقيرؒ‘، مهراڻ رسالو، ۱- ۲، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ۱۹۶۶ع، ص:۱۵۱،۱۵۰.
۲. ساڳيو حوالو، ص ۱۵۱.
۳. پلي، راڄ محمد, ’صوفي صادق فقيرؒ‘ رسالو مهراڻ، ڏهہ سالا خاص نمبر، ۲-۱، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد, سنڌ، ۱۹۶۵ع، ص۲۴۰.
۴. پلي، راڄ محمد، ’صوفي صادق فقيرؒ‘، مهراڻ رسالو، ۱- ۲، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۶۶ع، ص: ۱۴۳.
۵. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، مقدمو ’راڳ نامو- فقير صاحب صوفي محمد صديق جو‘، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ، حيدرآباد ، سنڌ، ۱۹۸۱ع، ص: ۲۲.
۶. پلي، اسد جمال، ڊاڪٽر، ’هيءَ جڙ اسانهين‘، مهراڻ اڪيڊمي، واڳڻو در، شڪارپور، ۲۰۰۸ ع، ص: ۲۲۴.
۷. ساڳيو حوالو، ص ۲۲۵.
۸. ساڳيو حوالو، ص ۲۲۸، ۲۲۹.
۹. پلي، راڄ محمد، ’صوفي صادق فقيرؒ‘، رسالو مهراڻ، ڏهہ سالا خاص نمبر ، ۲-۱، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۶۵ع، ص:۲۷۸،۲۷۷.
۱۰. ساڳيو، حوالو، ص: ۲۷۸.
۱۱. يوسفاڻي، معمور: ’ڊوليو ڍٽ ڌڻي‘، مهراڻ اڪيڊمي، واڳڻو در، شڪارپور، ۲۰۰۳ع، ص: ۱۱۴.
۱۲. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’راڳ نامو- فقير صاحب صوفي محمد صديق جو‘، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ، حيدرآباد، سنڌ، ۱۹۸۱ع، ص: ۲۲.
۱۳. ميمڻ، خان بهادر محمد صديق، ’سنڌ جي ادبي تاريخ‘، مهراڻ اڪيڊمي، واڳڻو در، شڪارپور، ۲۰۰۳ع، ص: ۱۷۶.
۱۴. پلي، راڄ محمد، ’صوفي صادق فقيرؒ‘، رسالو مهراڻ، ڏهہ سالا خاص نمبر ، ۲-۱، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۶۵ع، ص:۲۸۲.
۱۵. ساڳيو.
۱۶. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان: ’راڳ نامو- فقير صاحب صوفي محمد صديق جو‘، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ، حيدرآباد ، سنڌ، ۱۹۸۱ع، مقدمو: صفحو-ج.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair